خشونت سنگھ

منهنجي زندگيءَ ۾ آيل

# عورتون ۽ مرد

سنڌيڪار: رفيه ملاح



S.P.H

خشونت سنگهہ

# منهنجي زندگيءَ ۾ آيل عورتون ۽ مرد

ترجمو: رفيع ملاح


نئون نياپو اڪيڊمي

۲۴ ـ ۳ ماڙ، رحمان ڪورٽ،
تبت سينٽر ڪراسنگ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

خشونت سنگھ
منهنجي زندگيءَ ۾ آيل: عورتون ۽ مرد
ترجمو: رفيق ملاح

چاپو پهريون: ڊسمبر 2000ع
پرنٽر: ڊيسنٽ پرنٽنگ پريس پاڪستاني چوڪ، ڪراچي
ڪمپوزنگ: زينت ڪمپوزرس 4/24، رحمان ڪورٽ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

قيمت: ***70*** رپيا

*هول سيل ايجنٽ*

نئون نياپو ڪتاب گهر
لڳ گهنٽي ٽانڪ
لاڙڪاڻو سنڌ

**Women and Men in my Life**
BY: KHUSHWANT SINGH
EDITION: FIRST: DECEMBER 2000
PUBLISHED BY: ***NAON NIAPO ACADEMY***
***KARACHI***

***Rs: 70.00***

# ترتيب


پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي -4

خشونت سنگهه ڪير آهي؟ سنتيڪار جو نوٽ رفيق ملاح -5


## حصو پهريون: عورتون


1. ديوياني چوپال -8
2. سعديا دهلوي -12
3. اندراڻي آئڪٽ گلستاڻ -15
4. غيورالنساء حفيظ -20
5. ايس جنگ -23
6. ڏرما ڪمار -26
7. نرملا مٽن -30
8. ڪامنا پرساد -35
9. پريا سبرامڻيم -40
10. امرتال شير گل -45
11. ريتا ديوي ورما -50
12. هڪ پنو چوڪري -54


## حصو ٻيو: مرد


1. چيتن آنند -56
2. رميش چندر -59
3. بلونت گارگي -62
4. اندرسين جوهر -67
5. گوپال داس ڪوسلا -71
6. پريم ڪرپال -75
7. پرتاب لال -80
8. اي جي نوراني -83
9. رجني پٽيل -87
10. منظور قادر -91
11. پارت رام -93
12. ڪرشن شنگلو -98
13. چرن جيت سنگهه -100
14. اين اقبال سنگهه -104
15. ستيندر سنگهه -108

## پبلشر جو نوٽ

خشونت سنگهہ جو ڪتاب "Women and Men in my Life" حاضر آهي. هي همراهہ بہ خليل جبران ۽ ڪرشن چندر وانگر سنڌي ادب دوستن لاءِ تعارف جو محتاج ناهي، توڙي جو مٿين بن ليکڪن جيان هن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ناهن آيا. پر ادبي ۽ سياسي لڪٿين ۾ هو مٿين ليکڪن کان گهڻو وڌيڪ موجود رهندو آيو آهي، هي ڪتاب بہ جهڙوڪر سندس ان حوالياتي سڃاڻپ ڪي بنياد بڻائي پبلش ڪجي ٿو. ان اميد سان تہ ضرور پڙهندڙ سندس هن بهترين ڪتاب جي بہ دل جي گهرائين سان آجيان ڪندا. ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ اسان جو ڪم، جيڪو اسان ڪري بہ ڏيکاريو.

۽ هن ڪتاب جو سچو Credit مانواري رفيہ ملاح ڏي وڃي ٿو، جنهن ڏاڍي پيار مان هي ڪتاب ترجمو ڪيو ۽ پوءِ هڪ وڏو انتظار پڻ برداشت ڪيو ڪتاب جي ڇپجڻ جو. ان لاءِ ادارو سندس ٿورائتو آهي ۽ وڌيڪ اميد رکي ٿو تہ هوءَ ضرور اڃا بہ ٻيا بهترين ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ادب کي مالا مال ڪندي رهندي.

باقي اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

انعام عباسي
چيئرمين
نئون نياپو اڪيڊمي

تاريخ پڻ لکي جا ٻن جلدن ۾ شايع ٿي.

پاڪستاني اخبار "ڊان" ۾ هفتيوار ڪالم لکڻ ڪري ٻه هتان جي ماڻهن کي به پنهنجو پيو لڳندو آهي، پر هندي پريس ڪيس "هندستان جو گندو ماڻهو" سڏيندي آهي ۽ خشونت وري کي "گٽر پريس" چوندو آهي. پر اها ٻه حيرت جهڙي ڳالهه ليکبي ته ان گٽر پريس ئي خشونت کي شهرت جا ڪليل آسمان ڏنا.

"انڊيا ٽوڊي" وسيلي هو ان پريس ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ 1939ع ۾ هفتيوار "انڊيا ٽو ڊي" جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس دهلي مان لڏي بمبئي اچڻو پيو. هن پنهنجين لکڻين سان رسالي جي سرڪيوليشن 40000 هزارن مان وڌائي 410000 هزارن تائين پهچائي. سندس صحافتي خدمتن تي ڪيس "پدما پشن" ايوارڊ ڏنو ويو.

سندس هن ڪتاب بابت چوڻ هو ته "هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ سان ڪيترائي ماڻهو مون تي ڪاوڙيا آهن. جنهن ۾ گهڻن جي ئي ڪل لاٿي وئي آهي. ڪيترن جا جنسي راز پڌرا ڪيا ويا آهن هن وقت خشونت سنگهه پنهنجي آٽوبائيو گرافي تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سندس ويجها ساٿي ڪانٽس ويتر وڌيڪ چرڪي رهيا آهن جو هتان اچي ڪالر پويان لڪل سندن شخصيت، ان آتم ڪتا ۾ اگهاڙي نه ٿي پئي.

رفيق ملاح

نماز پڙهندي هئي ۽ ڏٺيءَ کان دعا پنندي هئي ته "هو هاڻ جلدي پاڻ ڏي گهرائي".
هوءَ مون کي ان درگاهه تي وٺي وئي، جتي سندس ماءُ پيءُ ۽ ڀينرون پوريل هيون. هن پنهنجي قبر پڻ بک ڪرائي ڇڏي هئي.
"مون پندرهن سال پهرين 1500 ربيه ڏنا ها." هن ٻڌايو
"تون پنهنجي قبر ڪپائي پئسا ڇو نه ٿي ڪمائين؟" مون هن کي خوش ڪرڻ جي خيال کان چيو.
"مون کي قبر تي لوڻ ڇنٽو آهي." هن ٻڌايو "اها هڪ حيدرآبادي رسم آهي." "هتي منهنجي پرسان الائي ڪير دفنايو ويندو." هن جي آخري لفظن اکين ۾ پاڻي آڻي ڇڏيو. "منهنجو توکان سواءِ هن دنيا ۾ ڪير به ڪونهي."
"فريسه پنهنجي ڪتب ۾ گم ٿي وئي آهي، ڇني شماهي ڪو خط لکي وٺندي آهي. منهنجا سمورا مٽ مائٽ، ابو امڙ ۽ ڀينر وفات ڪري ويون آهن. منٽرو رب نجاڻان ڇو! الائي منهنجون دعائون نه ٿو ٻڌي ۽ پاڻ وٽ گهرائي، مان وڌيڪ رهڻ نٿي چاهيان.

رهي سگهي ٿي ۽ هميشہ لاءِ منهنجي زندگيءَ مان نڪري وئي آهي.

مان ڪامنا لاءِ پنهنجي پيار کي بيان نٿو ڪري سگهان. ڇو تہ اهو سندس جسماني موجودگيءَ کان وڌيڪ اونهو آهي. هوءَ ڏيڻ واري آهي، نہ ڪي وٺڻ واري. جيڪو ڪجهہ مون ڪيس ڏنو (يا هن زوريءَ مون کان وٺو) اهو هوءَ منهنجي زال، ڌيءَ ۽ پوٽيءَ کي سوڪڙين جي صورت ۾ ڀيٽو موٽائي ڏيندي هئي. منهنجي زال کي جا شيءِ کپندي هئي، هوءَ ڪندي هئي.

پر سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هئي تہ هن کي مون تي وڏو ويساهہ ۽ ڀروسو هو، جنهن مون ۾ هن لاءِ پيار اُڀاريو. مون کي انهيءَ ڏينهن جو اوسيئڙو آهي، جڏهن مائيڪل کي ڪنهن ٻئي ملڪ بدلي ڪيو ويندو.

۽ ڪامنا کان سواءِ دهلي ساڳي نہ رهي هئي.

گذريل سال پريما هگن بوٿمس جي نوڪريءَ مان استعفو ڏئي آمريڪا هلي وئي، هاڻي ايندڙ پنجن سالن تائين ڪيس ڏسڻ جو گهٽ چانس آهي. هن جا خط بنڊڙا ٿيندا ويا. جيڪي هوءَ ايئر ليٽر فارمز تي لکندي هئي. هوءَ اڃا تائين اسان ڏي سوکڙيون موڪليندي رهندي آهي. پر مان سمجهان ٿو ته هاڻي اهي به گهٽ ٿينديون وينديون.

ڇهن سالن ۾ پريما کي آمريڪي شهريت ملي ويندي. مان هڪ ڀيرو به سئو سيڪڙو سچي پڪي تامل برهمڻياڻيءَ جي باري ۾ ٿو سمجهان ته هوءَ آمريڪيءَ زندگيءَ جي وهنوار ۾ شانتيءَ سان به رهي سگهندي. هوءَ منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ واري هڪ تمام مختلف عورت هئي ۽ تمام گهڻو پيار ڪرڻ جهڙي پڻ.

جي چنڊچاڻ ٿيڻ گهرجي، جنهن سبب هن جي ڏيءُ جو اوچتو موت ٿيو. مان به انهن مان هڪ هيس جيڪو سمجهي پيو ته امرتا جي موت جو ڪو خاص ڪارڻ ضرور آهي. اهو قتل ته نه هو پر ان ڪي شايد غفلت ضرور چئي سگهجي ٿو. مون ڊاڪٽر رگهبير سنگهه کان تفصيل معلوم ڪيا، جيڪو اسان جو فيملي ڊاڪٽر ۽ آخري شخص هو جنهن امرتا کي جيئرو ڏٺو. هن مون کي ٻڌايو ته هن کي اڌ رات جو گهرايو ويو. شايد جڏي طريقي سان ٻار ڪيرائڻ سبب هن جي پيٽ جو پردو ڦاٽي پيو ۽ تمام گهڻو رت وهي ويس. هن جي مڙس ڊاڪٽر رگهبير سنگهه کي چيو ته هن کي ٻئي جو رت ڏنو وڃي. پر ڊاڪٽر مريض جي مڪمل چڪاس کان سواءِ ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهن به ڊاڪٽر انهيءَ ڳالهه تي هڪ ٻئي سان بحث ڪري رهيا هئا ته امرتا خاموشيءَ سان زندگيءَ جي پڃري مان آزاد ٿي وئي. اهڙيءَ ريت هن جي شهرت اجا به سگهاري ٿي وئي.

ڇوڪريءَ مون کان پڇيو. ”تون اسان جي گهر ڇو نٿو اچين؟“ مون ڪاوڙ مان چيو: ”ڇاڪاڻ ته مون کي تنهنجي هن ڪميڻي دوست ڪڏهن به نه چيو آهي.“ ڇيتن معاملي کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ چيو ”سردار تون مون سان ڏاڍو ڪاوڙيل آهين، تون ڪڏهن ٿو اچين؟“

مون بنا ڪنهن رک رکاءَ جي وڏي واڪي چيومانس: ”تون بي شرم مطلبي آهين، توکي ته ايترو به خيال نه هو ته تون مون وٽ ايترا مهينا مهمان رهيو آهين ته توري ئي ڪٿي مهمان نوازي ڪرين ها.“

ماڻهن کي ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ڏيندڙ، وٺندڙ، چوسيندڙ ۽ مفت خورن، ڇيتن آنند منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ وٺندڙ ۽ مفت خور هيو.

ته هو ٿورو مطلبي آهي. پر پوءِ به ٻين سڀني جي ڀيٽ ۾ مان بلونت ڳارڳيءَ جو ڀاڻ وٽ اچڻ وڌيڪ پسند ڪندو آهيان. هو ڪافيءَ جو اڌ ڪوپ ضايع ڪندو آهي، جيڪو مان هن کي ڏيندو آهيان. پر جڏهن هو مون کان جدا ٿيندو آهي ته منهنجو ساهه ٻوساٽجڻ لڳندو آهي.

نمائش ۾ ڪرائيندو هيو ۽ سندس شاعري جي مجموعن ڪي پڌري ڪرڻ ۽ ان ئي فنڪشن ۾ ڪرائيندو هيو.

جڏهن هن ڪليل ڪشادو گهر ورتو ته اتي پنهنجي سالگرهه ۾ پيارڪسان ملهائيندو هيو. شلمپين ۽ اسڪاچ هلندو هيو. وچئين ڇڄ تي هن جا البم پيا هوندا هيا. انهن مان هڪ ۾ انهن عورتن جون تصويرون هيون، جن کان هو متاثر هيو يا سائن پيار ڪيو هيائين. اهي تصويرون اندرا گانڌيءَ کان شروع ٿي منهنجي زال تائين ٿينديون ڪملا چوڌري، سيتا شوري، ڪپيلا ويسيان، روميلا ٿاپر، ريبا شوم، سدرا ڪيستلين، روندي سو ڪولو وسڪي، انگ فشر، تريوڌ ۽ ڪيترين ئي ٻين عورتن جن ڪي آئون نه سڃاڻيان، تي وڃي ختم ٿينديون هيون.

ٻين البمن ۾ هن جي تصويرن سان گڏ مشهور ماڻهن جهڙوڪ ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن ۽ ڊائريڪٽر جنرل آف يونيسڪو جا فوٽا هيا. انهن البمن جي پر ۾ بيليئل ڪاليج ميگزين جا تازا پرچا هوندا هيا.

پريم هاٿي 85 سالن جو ٿي ويو آهي. هڪ دفعي هن هڪ نظم "چار اسڪور ۽ پنج" لکيو هو:

چار اسڪور ۽ پنج
ذهن ۾ آئي تو پياريون يادون
وقت جي وهڪري ۾
ذهن جي شانتي ۽ خوشيءَ پاران
خوشيءَ جي پختي ٿيڻ تي
پيار ۽ روشنيءَ جي آس ڪائڻ کان پوءِ
زندگيءَ جي ويجهو اچي ويس!
چار اسڪور ۽ پنج

نہ هوندو هو.

هن کي پاڪستان ۾ مزو نہ پيو اچي. پاڪ، هند جي جنگ دوران هن کي پاڪستان سان همدردي ڪرڻ وارو سمجهي نظربند ڪيو ويو، جڏهن تہ اهو ڪوڙو ۽ تعصباڻو الزام هو، جيڪو هندي حڪومت طرفان هندوستاني مسلمانن تي لڳايو ويندو هو. اسلام آباد ۾ نوراني هندوستان جي نقطہ نظر کي وڏيڪ جوش خروش سان پيش ڪيو. پر پاڪستان ۾ موجود ڪوبہ ماڻهو ڪنهن بہ هندوستاني مسلمان جي چيل ڳالهہ تي توجهہ نہ ڏيندو هو.

ڪيترن ئي مهينن جي دوستي کان پوءِ نوراني ڪڏهن ڪڏهن اردو شاعري ٻڌائڻ شروع ڪئي. هي سڀ ڪجهہ ان ماڻهو مان عجيب پيو لڳي، جنهن کي جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي پهرين نالي سان سڏيندو هو تہ ڪيس ڪاوڙ ايندي هئي. هن جو پورو نالو غفور نوراني هو. هن مون کي چيو تہ ”مان نٿو سمجهان تہ تون ڪو مون کي ايترو سڃاڻين جو مون کي غفور سڏين.“

”تنهن ڪري مان تو لئہ اي جي نوراني آهيان.“

نوراني جي فطرت جو خوبصورت پاسو ان مهل وڌيڪ نمايان ٿيندو هو، جڏهن هو ڪنهن عورت جي ويجهو هوندو هو. هڪ دفعي اسان ٻئي ڇوڪرين کي تفريح ڪرائي رهيا هئاسين، جيڪي ان شام جو ئي بمبئي آيون هيون. انهن مان هڪ ڇهہ فوٽ ڊگهي ڪئناڊا جي هئي ۽ ٻي ننڍڙي قد واري آمريڪا جي هئي. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ اسان انهن کي هوٽل تائين ڇڏڻ ويا هئاسين.

ڊگهي ڇوڪري ۽ مان اڳتي نڪري وياسين، جڏهن تہ نوراني ۽ آمريڪي ڇوڪري بہ ٽي قدم اسان کان پوئتي هئا. انهن ٻنهي ڇوڪرين کي خدا حافظ چوڻ کان پوءِ مان ۽ نوراني نارمن پوائنٽ ڏانهن موٽياسين. هو ڏاڍو خوش هو. هن مون کي چيو تہ ”يار، توکي خبر آهي تہ آمريڪن ڇوڪري مون کي ڇا چيو؟“ هن ٻڌايو، ”جڏهن مون هن کان پڇيو تہ تون اڪيلي آهين يا شادي شدهہ آهين؟ تہ هن جواب ڏنو، ”مان شادي شدهہ آهيان، پر مان جنسي تعلقات رکي سگهان ٿي. ٻڌاءِ تون ان کي ڇاڻو سمجهين؟، ڇا اهو دعوتنامو نہ آهي؟“

”نہ“ مون هن کي چيو، ”مان ڪيترين ئي آمريڪي ڇوڪرين کي سڃاڻان، اهي اهڙي قسم جون ڳالهيون بنا ڪنهن سوچ ڪرڻ جي بس ائين ئي ڪنديون آهن.“

نوراني کي منهنجي ڳالهہ تي يقين نہ آيو ۽ هن ان ڇوڪري کان ڊيٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇوڪري نوراني ڏي وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ مون کي فون ڪري چيائين تہ ”مهرباني ڪري پنهنجي دوست کي سمجهايو تہ منهنجي جان ڇڏي.“ مون هن کان پڇيو تہ ”ڇا هن جنسي تعلقات رکڻ جي ڪابہ اهڙي تهڙي ڳالهہ ڪئي هئي.“

آمريڪي ڇوڪري چيو، ”ها، مان ڪندي آهيان ۽ ڪنديس ۽ پر ان جو مقصد اهو ڪونهي تہ مان تنهنجي دوست سان هو تعلق رکان.“

نوراني بہ هڪ رحمدل مرد هو. هڪ دفعي هو هڪ اهڙي انگريز ڇوڪري سان گڏيو. جنهن کي پاڻ بابت بہ گهٽ ڳالهائڻ ايندو هو. نوراني ان کي منٿون ڪيون تہ هو ان جي ڪمري تائين اچي ۽ پوءِ اسان سان رات جي ماني لاءِ هلي.

جڏهن مان ۽ نوراني ٻي رهيا هئاسين تہ فون جي گهنٽي وڳي، اها هڪ انگريز

عدالت مان پئسا ڪمايا پر پنهنجي (Clients) مؤڪلن جي ڳري فين مان بہ هن ڪجهہ گهٽ ئي ڪمايو. هن بمبئي جي اميرن کي مسز گانڌي ۽ ڪانگريس پارٽيءَ جي نالي ۾ ڦريو.

ڪيترو مال هن پاڻ وٽ رکيو يا مسز گانڌي کي ڏنو يا لڪل جمع پونجي ۾ گڏ ڪرايو، ان بابت ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي. مسز گانڌي هن جي انتظامن مان خوش هوندي هئي پر هن جو پٽ سنجي گانڌي ان مان ناخوش هوندو هو. هن رجني تي پئسن کائڻ جو الزام هنيو.

ڪجهہ ماڻهن تہ هن کي هر قسم جي ٺڳيءَ چالن جو بہ الزام هنيو. ڪي ڪي شاهہ، رجني تي جهاز تباهہ ڪرائڻ جو الزام هنيو هو، جنهن ۾ هن جو پٽ وفات ڪري ويو هو. مون کي همٿ ئي نہ ٿي تہ مان رجني جي ايترن الزامن سان سامهون اچان. هن تي ڏاڍا الزام لڳا هئا.

مون کي بڪل سان هن جي تعلقاتن جي پڪ نہ هئي. هوءَ هڪ گهريلو زال پنهنجو پاڻ ۾ رهندڙ هئي. رجني ٻين عورتن سان جنسي تعلق هئڻ ڪري مشهور هو. پرتما بيدي پوءِ ڪجهہ پيار ڀريا خط بہ شايع ڪرايا هئا. جيڪي انهن ٻنهي هڪ ٻئي کي لکيا هئا. رجني کي بڪل سان شادي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ذهني طرح سان ڪافي تيار ڪرڻو پيو هوندو. انهيءَ وقت مان بمبئي ۾ نہ هئس پر اتي موجود ماڻهن مون کي ٻڌايو. اها هڪ رات جي مانيءَ جي دعوت هئي، جتي مختلف اسڪاچ جون بوتلون پيون هيون، رجني تمام گهڻو پيئندو هو. ان شام هن گهڻو ئي پيتو هو. هو پنهنجي حصي کان بہ وڌيڪ پي ويو هو. پيئڻ کان پوءِ هن کي ڪنهن چيو تہ بڪل سان شادي ڪر. پارٽي مان هڪڙو چٽو ترت وڃي رات جو پنڊت کي وٺي آيو، ائين شادي ٿي وئي. شادي ڪرڻ تي رجني جو پهريون ردعمل اهو هو تہ هو ڳوڙهن ۾ وهنجي رهيو هو.

اهي خوشي جا ڳوڙها هئا يا ڏک جا. سا ڪنهن کي بہ خبر نہ پئي.

جڏهن مان بمبئي موٽيس تہ پٽيل وارن سان ملڻ ويس. اها بڪل خوش ۽ خود اعتماد. بلڪل نئي هئي هڪ سادي سودي شاديءَ هن کي تبديل ڪري ڇڏيو هو ڇو تہ شادي کان پهريان هوءَ خاموش، پنهنجو پاڻ تائين محدود هوندي هئي. پر هاڻي تہ هوءَ بمبئي جي طاقتور مرد جي زال هئي. رجني جي شادي کان پوءِ سندس پهرين زال مان هن کي جيڪو پٽ هو، تنهن کي ڪار جي حادثي ۾ دماغ ۾ اهڙو تہ ڌڪ لڳو هو جو هو سخت زخمي ٿي پيو هو. هو سڪرات جي حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو ۽ اهو تقريبن هڪ مهيني تائين بيهوش رهيو. اسپتال سياستدانن ۽ ٻين ماڻهن جي اچ وڃ جي جاءِ ٿي پئي، گورنر، وڏو وزير، ڪئبنيٽ وزير، وغيرهہ پٽيل کي آٿت ڏيارڻ لاءِ اچن وڃن پيا. رجني جو ڪمرو پهرين ماڙ تي هو. جتي هن کان پڇڻ لاءِ ماڻهو ايندا ويندا هئا.

اهو ڪمرو انٽرڪام جي ذريعي ان ڪمري سان ڳنڍيل هو. جتي سندس پٽ ٻن نرسن جي موجودگيءَ ۾ بيهوش پيو هو. مان پاڻ بہ اتي ويو هئس پر مان جڏهن ٻيون ڀيرو اتي ويس تہ مون لفٽ جي پاسي ۾ وينل وچولي عمر جي هڪ عورت ڏٺي. جيئن ئي هن مون کي ايندي ڏٺو تہ هن منهنجو اٿي بيهي سواگت ڪيو. هن مون کي ٻڌايو تہ ”مان رجنيءَ جي زال آهيان.

هو هڪ پنجابي هو، پر پنجابي ڳالهائڻ کان لنوائيدو هو. هنکي اردو شاعري سان محبت هئي ۽ اقبال کي هڪ ئي ڪلاڪ ۾ پڙهي پورو ڪندو هو.

هو شاعري به ڪندو هو، پر اها صرف هو مردن جي محفل ۾ ئي پڙهي ٻڌائيندو هو. هو عورتن جي صحبت ۾ سنجيده ۽ آڪڙيل ٿي ويهندو هو. هو کائڻ ۽ پيئڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو محتاط هوندو هو ۽ ڪا به اهڙي شئي نه پيئندو هو، جنهن ۾ الڪوحل هجي.

سياري جي موسم ۾ هو نارنگيون ۽ مالٽا، هٿن سان ڇلي کائيندو هو ۽ اونهاري ۾ هو چهه انب هڪ ويلي تي کائيندو هو. هو تمام گهڻا سگريٽ ڇڪيندو هو. هن جي صرف هڪ ئي وندر هئي ۽ اها هئي سينما وڃڻ.

منظور قادر وٽ ڪهڙي شئي عظيم هئي؟ هن وٽ به ڳالهيون هيون ته هو ڪنهن کي به دل ايذائيندڙ ڳالهه نه چوندو هو ۽ نه ئي ڪوڙ ڳالهائيندو هو.

ٿوري ئي وقت ۾ هو اهڙو ته هيرو ٿي ويو، جيڪو هر بري ڀلي جو فيصلو ڪري پئي سگهيو.

اسان اڪثر پنهنجي پاڻ کان پڇندا هئاسين: "ته ڇا منظور اهو سڀ ڪجهه لهي؟"

هو ايمانداري، اخلاق، قابليت ۽ رحمدلي جو سنجوڳ هو ۽ اهي خاصيتون مون اڄ تائين ڪنهن ٻئي انسان ۾ ناهن ڏٺيون.

# پارٽ رام

**مان ۽ منهنجي زال هن سان ملياسي تہ هن اسان کان پڇيو:**

**"باقي الائي ڪيترا ڏينهن رهجي ويا آهن؟"**

**منهنجي زال جواب ڏنس:**

**"پارٽ اسان هٿ ۾ ڏئي هلنداسي."**

1920ع ۾ نئين دهلي جي ماڊرن اسڪول ۾ ٻہ جوان ٻائيتا ڇوڪرا داخل ٿيا. انهن کي مٿي کان ڪُڇيءَ تائين ڊگهيون چوٽيون هونديون هيون، جيڪي اسڪول جي ٻين سڀني شاگردن جي توجهہ جو مرڪز هيون. انهن چوٽين جو ڪجهہ حصو رٻڙ سان ٻڌل هوندو هو. جيئن تہ ڪجهہ نوجوان سک ڇوڪرن جا وار ڊگها هوندا هئا. تنهن ڪري اسان اهي ڏسي هري ويا هئاسين، پر اهي چوٽيون تہ ماڊرن اسڪول وارن لاءِ بلڪل نيون هيون.

ڇوڪرا انهن جي چوٽين کي ڇڪ ڏئي ڀڄي ويندا هئا. جيئن تہ ٻئي ڀائر انهن چوٽين جي ڪري ڏاڍي ڏکي زندگي گذاري رهيا هئا، پر انهن کي همت نہ هئي جو هو انهن چوٽين کي پنهنجي "مذهبي مائٽن" جي ڊپ کان ڪترائي پنهنجي جان ڇڏائي سگهن. هڪ ڏينهن تہ ڪجهہ ڇوڪرن انهن جي چوٽين ۾ چيونگم چنبڙائي ڇڏيا هئا. هنن پنهنجين چوٽين تان چيونگم لاهڻ جي ايتري قدر ڪوشش ڪئي جو هنن صابڻ سان بہ انهن کي صاف ڪيو، پر چيونگم هو جو لهڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي ۽ آئين انهن ناامیدي مان چوٽيون ڪترائي ڇڏيون تہ جيئن سندن تڪليف وارا ڏينهن ختم ٿين. اهي ٻئي ڀائر پارٽ رام ۽ شرٽ رام سر شوري رام جا پٽ هئا، جيڪو دهلي ڪلاٿ ملز جو مالڪ هو. اهي ٻئي ڀائر اسڪول ۾ پارٽو ۽ شارٽو جي نالي سان سڃاتا ويندا هئا. مان پارٽ کان هڪ سال سينيئر هئس. هو ان ئي ڪلاس ۾ پڙهندو هو، جنهن ۾ اها ڇوڪري بہ پڙهندي هئي، جنهن جو نالو ڪول ملڪ هو ۽ اهائي ڇوڪري اڳتي هلي منهنجي زال ٿي.

پارٽ بہ ماڊرن اسڪول جي ٻين ڇوڪرن وانگر ان ڇوڪريءَ کان متاثر ٿيو، جيئن هو وڏا ٿيڻ لڳا تيئن هنن ان جي عبادت تائين عزت ڪئي. ڪول ملڪ تمام گهڻي خوبصورت ڇوڪري هئي. هوءَ ڪنهن حد تائين ڇوڪرن جهڙيون مشڪريون بہ

هٿاسين تہ هن اسان کان پڇيو تہ "اسان جا هاڻي الائي ڪيترا ڏينهن رهڃي ويا آهن؟" منهنجي زال جواب ڏنس "ٻارتِ اسان هتي ۾ هت ڏئي هلنداسين." انهيءَ ڳالهہ تي هو ڏاڍو خوش ٿيو "ٻيڪي ڳالهہ" هن پنهنجو هٿ رکندي چيو. اسان هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجي هن جي گهر ۾ ملڻ جو واعدو ڪيو ۽ اهو ڪيترا مهينا هليو.

آزاديءَ وارو رويو نہ رکيو. مون هن کي ڪڏهن بہ هٿ لاهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي جو تہ مون کي ڊپ ٿيندو هو تہ پوءِ متان مون وٽ نہ اچي. مان هن کي تمام گهڻا گفٽ بہ ڏيندو هئس ۽ هن بابت سٺي راءِ رکندو هئس.

پارٽي رات جو دير تائين هلي. جن تمام گهڻو پيتو هو سي تہ هليا ويا پر اڪي کي ڪيڏانهن بہ نہ وڃڻو هو، تنهن ڪري هن سڀني کان وڌيڪ پيتو هو. جينيفرڏاڍي خيال سان رهڻ واري ۽ ڏاڍي خوش اخلاق هئي. اڪي پارٽيءَ ۾ ايترو تہ پي چڪو هو جو اٿيو تہ ڪري پيو ۽ وڃي جينيفر جي ڪرسيءَ تي هن جي ڀانهن آڏو پيو. هن ان جي وارن سان پيار ڪرڻ شروع ڪيو. مون پنجابيءَ ۾ هن کي چيو تہ ائين نہ ڪر. جينيفر انهيءَ ڪرسي تان اٿي ٻي ڪرسيءَ تي ويٺي. اڪي ان جي پنيان ويو ۽ وري هن جي وارن کي چمي ڏنائين هن جا وار هئا ئي اهڙا جيڪي سڀ کان وڌيڪ چمڻ لائق هئا. مون وري پنجابيءَ ۾ اڪي کي چيو تہ ”ڇوڪريءَ کي تنگ نہ ڪر.“

جينيفر مون کي چيو، ”مهرباني ڪري پنهنجي دوست کي چئو تہ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي“ پر اڪي اسان جي منٿن کي نظرانداز ڪندي هن کي سڄي ڪمري ۾ هڪ ڪرسيءَ کان ٻي ڪرسيءَ تائين ڪهمائيندو رهيو. آخرڪار مون نااميد ٿي جينيفر کي پنهنجي فليٽ تي وڃڻ لاءِ چيو ۽ آخرڪار ڏيڍ ڪلاڪ جي جدوجهد کان پوءِ جينيفر پنهنجي گهر وئي. مان اڪي سان ڪاوڙيل هئس ڇو تہ مون کي خبر هئي تہ جينيفر هاڻي مون وٽ نہ ايندي. ان رات مون هن کي ڪجهہ بہ نہ چيو، ڇو تہ هو پاڻيءَ ۾ نہ هو. سمهڻ کان اڳ مون ٻڌو پئي تہ هن کي التي پئي اچي سو هو باٿ روم (Bath Room) ڏانهن ڀڄندو پيو وڃي، پر اڪي پيئڻ ڪڏهن بہ بس نہ ڪيو. ٻئي صبح تي هو گهڻي پيئڻ جي ڪري ڏاڍو بيمار ٿي پيو هو. جڏهن هن کي پنهنجي خراب رويي جي ياد ڏياريم تہ هن معصوميت مان چيو تہ ”اوهہ مون ڇا ڪيو هو؟“ پوءِ هن پنهنجون اکيون منهنجي ڏهہ سالا پٽ راحل جي تصوير ڏانهن ڦيرائي ڇڏيون ۽ پڇيو تہ ”اهو راحل آهي.“ ها؟ ”ڪنهن ڄاهيو آهي؟“ مون کي ٻڌايو تہ ”پيٽريڪا انجدي، هوءَ انجدي جي انگريز ڏال آهي.“ اڪي پنهنجي ڪنڌ سان اشارو ڪيو ۽ ڪجهہ سيڪنڊن لاءِ ڏسندو رهيو ۽ وري هن پنهنجو ڪنڌ مٿي کنيو ۽ تصوير ڏسي، وري پڇيائين تہ ”ڪنهن ڄاهي آهي“ مون هن کي ٻڌايو تہ ”پيٽريڪا انجدي“ ٿورن منٽن کان پوءِ هن وري تصوير ڏانهن ڏٺو ۽ چيو ”اهو راحل آهي. ڪنهن ڄاهيو آهي ان کي.“ مون ڪاوڙ مان رڙ ڪري ان کي ٻڌايو تہ ”اها پيٽريڪا انجديءَ ڄاهي آهي. هوءَ انگريز عورت آهي پر هن هڪ هندوءَ سان شادي ڪئي آهي“ پوءِ مان سندس انهيءَ اڻ وڻندڙ ۽ چيڙائيندڙ رويي جي ڪري ڇڏي هليو ويس ۽ هو پوءِ پنهنجو پاڻ کي اڪيلائپ ۾ ٻوڙي رهيو هو، اڪيءَ جي اهڙي خراب ۽ اڻ وڻندڙ رويي جي ڪري مون جينيفر جي دروازي هيٺيان معافي نامو لکي اڇلي ڇڏيو ۽ مون هن کي منت ڪئي تہ منهنجي گهر اچڻ بند نہ ڪري. پر مان ڪيڏو نہ غلط هئس، ان جي خبر وري مون کي پوءِ پئي. هڪ ڏينهن مان پنهنجي دريءَ سامنهن ڪم ڪري رهيو هئس تڏهن مون ڏٺو تہ اڪي بستري مان ٻاهر نڪري ويو ۽ هڪ لمحي کان پوءِ جينر هيٺ لهي آئي ۽ پوءِ اهي ٻئي رات جي ماني کائڻ لاءِ شهر جي هوٽل ڏانهن هليا ويا.

نتو ڏي. منهنجي ڏيءُ ستيندر جي پيٽ ۾ اندر ملهوترا کي فون ڪئي، جيڪو پوليس وٺي آيو ۽ دروازو ڀڃيائون. ستيندر پنهنجي هنڌ تي مئل حالت ۾ پيو هو ۽ هنڌ جي هيٺان هن جي رم جي اڌ خالي بوتل پئي هئي.

ستيندرا انهيءَ چوٽي تي پورو بيٺو ته ماٺهو زندگيءَ کان وڏو آهي. هو هليو ته ويو پر منهنجي زندگيءَ ۾ اڌڙي سانت ڇڏي ويو.

